حاڪم علي ٻرڙو

# انجمن ترقي پسند مصنفين جي واڌاري ۾ اخبارن ۽ رسالن جو ڪردار

# The Role of Newspapers and Magazinie in the Development of Anjuman-e-Taraqui Pasand Musanafiene


## Abstract

*Progressive movement made its identity in the world of literature. Under the influence of this movement, literature became the real mirror of life. Literature was created for the sake of life. Human Sorrows, sufferings, Poverty, Exploitation and class destination was revealed in literature under the influence of this movement. To promote the progressivism, the role of Magazines, Journals and newspapers cannot be like this ignored. The Magazines and newspapers of Sindhi Language played a vital role in promotion of progressive movement. Especial, the contribution of Magazine "Adda", Taqaza", monthly Sindhi, sarsooti, Saathi Rohh Rehan, Nia Zindagi is very important in this regard. Hence the contribution of the newspapers "Ibret and Nai Sindhi" is also Significant.*

*In this research article an attempt has been made to highlight the role of Sindhinewspapers magazines and journals in flourishing this movement.*


هر نئين تحريڪ جي پويان ڪيترائي ڪارڻ، سبب ۽ مقصد هوندا آهن جن کي اڳيان رکي ڪري اها تحريڪ اڳتي وڌندي آهي. جيستائين ترقي پسند تحريڪ جو تعلق آهي ته هن جو بنيادي مقصد ادب کي زندگي سان جوڙڻ هو. مطلب ته مقصد وارو ادب تخليق ڪيو وڃي.

"تصوف جي فڪري تحريڪ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ تمام وڏي فڪري تحريڪ ترقي پسند تحريڪ هئي. جنهن سچ پچ سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو. نوان فڪر، نئين سوچ اظهار جو انداز، دانائي سان گڏ سليقي، خالص زبان، شاعري جون نج صنفون وائي، ڪافي بيت روزمره زندگي کان ونندڙ ڪردار ادب جو حصو بڻيا."(1)

---

• اسسٽنٽ پروفيسر، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد.

جڏهن 1936ع ڌاري هندوستان ۾ ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ٿي تہ هن تحريڪ جو اثر سنڌي ادب تي بہ ٿيڻ لڳو ۽ 1940ع جي لڳ ڀڳ اهڙو ادب خاص طور تي نثر تخليق ٿيڻ لڳو جنهن ۾ ترقي پسند رجحان وارا عنصر موجود هئا.

جيستائين انجمن جي تشڪيل ۽ قيام جو تعلق آهي تہ ترقي پسند فڪر ۽ رجحان رکڻ وارا شاعر ۽ اديب سنڌ ۾ پکڙيا پيا هئا.

"سنڌي ادبي سرڪل" جي نالي سان هڪ جماعت ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي شاگردن ۽ پروفيسر پنجواڻي جي سرپرستي ۾ تشڪيل ڏني وئي."(2)

سنڌ جو اديب تہ شروع کان ئي ترقي پسند رهيو آهي ان ڪري ان جو اثر قبول ڪرڻ ۾ سنڌ جي اديبن دير ئي نہ ڪئي. ڪرشن چندر، روسي اديب گورڪي، دوسو وسڪي، ترگنوف ۽ چيخوف کان سنڌي اديب ڪافي متاثر هئا. مارڪسي فلسفي ڪافي حد تائين انهن کي متاثر ڪيو جيئن اردو ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين ٺهي تہ سنڌي اديبن بہ ترقي ترقي پسند اديبن جي تنظيم ٺاهي ورتي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو پنهنجي مضمون "سنڌي ادبي سرڪل" جي تشڪيل تي روشني وجهندي لکن ٿا تہ:

"ترقي پسند تحريڪ جي شروعات هون تہ سنڌ ۾ نوجوان اديبن، ۽ شاعرن جي ڪاوشن سان ٿي پر ڪجهہ بزرگ اديب بہ انهن سان گڏوگڏ رهيا. گوبند پنجابي ۽ انهن جا دوست اديب برڪت علي آزاد 1937ع ۾ شڪارپور جي جماڻي هال ۾ "سنڌ سوشلسٽ ڪانفرنس" سڏائي نہ صرف نئين فڪر ۽ ترقي پسند تحريڪ جي شروعات ڪئي مگر "نئين دنيا ڪتاب گهر" شڪارپور جو بنياد بہ وڌو، هن ڪتاب گهرجي طرفان پهرين برڪت علي آزاد جو ڪتاب "نوجوانن ڏانهن" شائع ڪيو. بعد ۾ گوبند پنجابي جي ڪهاڻين جو مجموعو سرد آهون 1942ع ۾ شائع ٿيو. انهن ڪتابن سنڌ ۾ سنڌي ادب کي نون رخ ڏنو ۽ اديبن ۾ بيداري پيدا ڪئي. سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وارا نوجوان شاگرد جيڪي ادب سان دلچسپي رکندا هئا. انهن نئين فڪر سان وابستگي اختيار ڪري پنهنجي تعليمي ادارن ۾ شاعري جون محفلون ۽ ادبي نشتون منعقد ڪندا هئا ۽ انهن محفلن ۾ ڪهاڻيون، مضمون پيش ڪندا هئا سي، اينڊ ايس ڪاليج شڪارپور ۽ ڪراچي جي ڏيارام ڄيٺمل ڪاليج (ڊي. جي ڪاليج) جي شاگردن جون خدمتون ۽ سجاڳي اسان جي ادبي تاريخ جو اثاثو آهن."(3)

سنڌي ترقي پسند اديب سماج جي ٺوس سچائين کي ادب ۾ پيش ڪرڻ جي گهڻي حد تائين ڪوشش ڪئي.

سنڌي ادب هر دور ۾ اعليٰ قدرن ۽ روايتن جو امين رهندو آيو آهي. سنڌي ادب ۾ جديد رجحانن انگريز دور (1843ع) کان شروع ٿئي ٿو. خاص طور تي ويهين صدي جي شروعات ۾ جديد رجحان سنڌي ادب تي پنهنجا اثر ڇڏڻ شروع ڪيا. ادب جي اشاعتي سلسلي جي ابتدا کان ئي جدت پسندي جو رجحان شروع ٿي چڪو هو. ڪتابن ۽ اخبارن جي شائع ٿيڻ کان علاوه ماهوار رسالن انهيءَ سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جن ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي جو ماهوار رسالو ماهوار "سرسوتي"، ڇهه ماهي "سنڌ ڪاليج ميلنسي"، ماهوار "اخبار تعليم"، ماهوار "بهار اخلاق"، ماهوار "قليلي" وغيره قابل ذڪر آهن.

"1932ع جي جنوري مهيني کان شڪارپور مان ماهوار مخزن "سنڌو" بولچند راجپال جاري ڪيو. جنهن سنڌي ادب جي سڀني صنفن جي اشاعت کي ممڪن بڻايو ۽ ان ۾ جديد رجحانن جي لاءِ راهه هموار ڪئي." (4)

"1933ع ۾ ماهوار "سنڌو" جي طرفان سڏايل "سنڌي ساهت سميلن" ادب ۾ هڪ نئين فڪر جو ڪارڻ بڻي. جنهن مختصر وقت ۾ ترقي پسندي جو روپ اختيار ڪيو." (5)

ترقي پسند رجحان جي هڪ حاصلات نون اديبن کي اڳيان آڻڻ جو ميدان تيار ڪرڻ بہ آهي. هن خصوصيت جي ڪري سنڌي ۾ ڪيترائي اديب پيدا ٿيا پر ڇپجڻ جي لاءِ ترقي پسندي نظرئي جي هجڻ کان بغير بڌايل شرط جي ڪري سنڌي ادبي ڌارا ۾ رواني رکجڻ لڳي.

جيسين تائين سنڌ ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين جي آغاز ۽ ارتقا ۽ وڌڻ ان جي ڪردار جي ڳاله آهي تہ انهي سلسلي ۾ اخبارن ۽ رسالن مثالي ڪردار ادا ڪيو. انهن جي خدمتن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇو تہ انجمن ترقي پسند مصنفين جي تاريخ انهن کان سواءِ مڪمل ٿي ئي نٿي سگهي. انهن اخبارن ۽ رسالن جي موثر ڪردار جي حوالي سان ڊاڪٽر غلام علي الانا جن لکن ٿا تہ:

"Progress Literature. Has been Dominent particulary on youth in the recent past for expressing their progressive ideas and for publishing the short stories etc. The vehicles for them were RuhaRihan edited by Hamid Sindhi, Nain Zindagi edited by Moulana Abdul Wahid Sindhi, Quarterly "Mehran" edited by Girami and monthly "Suhni" edited by Tarq Ashraf" (6)

ترقي پسند تحريڪ ۽ مارڪسزم جي نظرئي کان متاثر ٿي ڪري ڪجھ نوجوانن ٻئي عالمي جنگ کانپوءِ سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جي ابتدا ڪئي. بقول ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جن جي: "نئين سوچ ۽ فڪر رکڻ وارن اديبن ۽ شاعرن نہ صرف انسانيت ۽ آزادي جا گيت ڳايا مگر سنڌ ۾ بربرن ۽ فرسوده رسم ۽ رواج جي خلاف بہ آواز بلند ڪيو. هن جهاد ۾ نثر نويس تہ پهريان کان ئي مصروف عمل هئا پر هاڻي شاعرن بہ انهي جهاد ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. انهن نون لکندڙن پنهنجي نون رجحانن ۽

نظرين کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري وڏائيندا رهيا. مگر شاعري جي سلسلي ۾ "سنڌو" رسالي اهم ڪردار ادا ڪيو. ڏٺو وڃي ته هن ۾ نثر به شائع ٿيندو هو. "سنڌو رسالو" سنڌ جو مقبول ترين ادبي رسالو ورهاڱي تائين سنڌي ادب جي آسمان تي اڀرندڙ تاري جيان چمڪندو رهيو. انهن ڏينهن ۾ "سنڌو" رسالو باقاعده نڪرندو رهيو ۽ سنڌي زبان ۽ ادب جي وڏي خدمت ڪئي خاص طور تي افساني لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. پاڪستان ٺهڻ کان بعد هي رسالو آگره مان نڪرڻ لڳو ۽ پوءِ تماهي جي صورت ۾ احمد آباد کان نڪرندو رهيو. انهيءَ کانپوءِ ڪجهه نوجوانن "اڳتي قدم" رسالو ڪڍيو" (7)

انهيءَ کانپوءِ ڊي جي سنڌ ڪاليج سنڌي ادبي سرڪل 1944ع ۾ "لهرن" جي نالي سان رسالو ڪڍيو جنهن ۾ حقيقت نگاري تي مشتمل ڪهاڻين جي اشاعت ڪئي ويندي هئي. خاص ڪري سنڌي معاشري جي معروضي صورت حالتن کي فوقيت حاصل هوندي هئي. جنهن جو به هڪ پرچو جاري ٿي سگهيو. انهيءَ جو ايڊيٽر شيخ عبدالرزاق راز هو جيڪو انهي وقت سرڪل جو سيڪريٽري هو. انهيءَ کانپوءِ ترقي پسند رسالو "اڳتي قدم" به جاري ٿيو جنهن جا فقط (3) ٽي شمارا شائع ٿيا. "اڳتي قدم" جي ابتدا جي سلسلي ۾ محمد ابراهيم جويو جن لکن ٿا ته:

"1946ع جي آخر ۾ اسان دوستن مشورو ڪيو ته ترقي پسند، وطن دوست رسالو شايع ڪيو وڃي. اياز انهي وقت ايل ايل بي پاس ڪري چڪو هو ۽ ڪراچي کي چڏي سکر ۾ پريڪٽس ڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هو. فيصلو اهو ٿيو ته رسالي جو نالو ڪامريڊ احمد اي جيوا جي ڪي گجراتي رسالي "آگي قدم" جي نالي سان سنڌي ۾ "اڳتي قدم" رکيو وڃي. پوءِ اهو رسالو شڪارپور مان جاري ٿيو ۽ ٽي مهينا آگسٽ، سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۾ مسلسل جاري ٿيو ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتو ۽ مشهور به ٿيو." (8)

"اڳتي قدم" جا اهي ٽئي شمارا ٻيهر "شيخ اياز فائونڊيشن" جي طرفان شيخ اياز جي ٽين ورسي جي موقعي تي ٻيهر ڪتابي صورت ۾ 2001ع ۾ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو جي مدد سان شايع ٿيا. "1947ع ۾ "اڳتي قدم" جو شائع ٿيڻ سنڌ ۾ ترقي پسند تحريڪ جي هڪ بنيادي ڪوشش هئي.

"انهيءَ کان پوءِ "نئين دنيا" رسالو به نڪتو جنهن جو ايڊيٽر گوبند مالهي هو. "هي رسالو 1947ع تائين ڪراچي کان باقاعده نڪرندو رهيو. ورهاڱي کان پوءِ اُتم چنداڻي انهيءَ کي بمبئي مان ڪيندي رهي. "باغي" رسالو به نڪتو جنهن ۾ فقط افسانا شائع ٿيندا هئا. انهيءَ کانپوءِ ماهوار "ساٿي"

جنهن جو روح روان شيخ اياز ۽ اُتم چنداڻي هئا، جڏهن ته انهيءَ جي اشاعت سندري اُتم چنداڻي ۽ روشن آرا مغل جي ذمي هئي هي عورتن جو ادبي رسالو هو جيڪو ورهاڱي کانپوءِ بند ٿي ويو.“ (9)

ورهاڱي کانپوءِ نور الدين سرڪي جن ڪراچي مان هفتي وار اخبار ”صداقت“ ڪڍي جنهن ۾ ترقي پسند رجحانن جي اشاعت ٿيندي هئي. 1954ع ۾ مرحوم حفيظ شيخ، مرغوب بخاري ۽ رشيد ڀٽي جن ڪراچي کان ترقي پسند ادبي رسالو ماهوار ”شاگرد“ جاري ڪيو جنهن جا به فقط به پرچا ئي نڪري سگهيا. جيڪو انهيءَ دور ۾ ترقي پسند ادب جي صحيح طور ترجمان ثابت ٿيو. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جو پهريون ترقي پسند رسالو ”محفل“ 1952ع ۾ سکر مان جاري ٿيو جنهن جو به صرف هڪ پرچو نڪري سگهيو.

”ترقي پسند تحريڪ جي شروعاتي دور ۾ حيدرآباد کان ترقي پسند رسالن جي شروعات ڪئي وئي. انهيءَ سلسلي ۾ ابن حيات پنهور جن ”پره ڦٽي“ رسالو جاري ڪيو جنهن جا به فقط ٽي شمارا نڪري سگهيا، هي رسالو به صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند ادب جو ترجمان هو انهيءَ سان گڏ محمد عثمان ڏيپلائي جن ”انسان“ سلسلو شروع ڪيو جيڪو ڪافي عرصو هليو ۽ پنهنجي تعميري ترقي پسند ڪردار ادا ڪندو رهيو. جيستائين انهيءَ تي پابندي نه لڳي“ (10)

انهي سلسلي ۾ نوابشاهه جي ماهوار ”ادا“ ۽ ذوالفقار راشدي جي ”مدبر انسانيت“ جن به شروعاتي دور ۾ تعميري ڪردار ادا ڪيو. ماهوار ”تقاضا“ جيڪو نوجوان شيخ ايسوسي ايشن جي طرفان نڪرندو هو جنهن جا آخري به پرچا ۽ سوال نامو ”مرتب“ پاڻ ايڊٽ ڪيا هئا، اهي به ترقي پسند فڪر جا ڀرپور نمائندا هئا. هن سوال نامي ۾ ئي ڊاڪٽر تنوير عباسي جو مضمون ”جديد سنڌي شاعري“ شائع ٿيو. 1948ع ۾ پاڪستان سرڪار پريس انفارميشن ڊپارٽمنٽ جي طرفان هڪ پندرهن روزمره وارو سنڌي رسالو ”اطلاعاتي بليٽن“ جاري ٿيو جنهن 1950ع ۾ ماهوار ”نئين زندگي“ جي نالي سان هڪ ادبي رسالي جي حيثيت حاصل ڪئي. جنهن جو ايڊيٽر ان وقت جو اهم ترقي پسند اديب مولوي عبدالواحد سنڌي جن هئا. انهن ان وقت ترقي پسند ادب جي ترقي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ڪيو. 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ٽي ماهي رسالو ”مهراڻ“ جي شروعات ڪئي. مهراڻ سنڌ ۾ ترقي پسند ۽ با مقصد ادب جي منزل جي طرف ٻيو اهم قدم ثابت ٿيو. ”مهراڻ“ اڳتي هلي هڪ اهڙي اداري جي شڪل اختيار ڪئي، جنهن سنڌ ۾ ترقي پسند ادب، سوچ، فڪر ۽ رجحانن کي پکيڙڻ ۽ وڌڻ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو.“ (11)

مٿي ذڪر ڪيل رسالن کان علاوه ڪيترين ئي هفتي وار ۽ روزاني اخبارون بہ انهي سلسلي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ حوالي سان محمد عثمان ڏيپلائي جي هفتي وار اخبار ”عبرت“ (جيڪا هاڻي روزاني شائع ٿئي ٿي.) کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. ترقي پسند ادب جي شائع ٿيڻ ۾ هن اخبار جو هڪ ڪارنامو آهي. انهي وقت روزاني ”نئين سنڌ“ ڪراچي مان نڪرندي هئي، نئين سنڌ اخبار جي حوالي سان سيد مظهر جميل جن لکن ٿا تہ:

”1956ع ۾ روزاني ”نئين سنڌ“ کي جي ايم سيد جن رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙي ۽ حسين بخش شاھ جي مدد سان خريد ڪري ورتو ۽ انهن جي خواهش هئي تہ هن کي نيشنل عوامي پارٽي جي پاليسي جي تحت هڪ نئين انداز سان ڪڍيو وڃي. انهن ڏينهن ۾ سوڀوگيان چنداڻي کنهن سياسي مسئلي جي صلاح مشوري سان جي ايم سيد جي ڳوٺ ”سن“ ويو هو. جتي شاھ صاحب جن پنهنجي خواهش جو هن سان اظهار ڪيو ۽ انهيءَ تي زور ڏنو تہ توهان پاڻ ”نئين سنڌ“ جي واڳ سنڀاليو يا ڪوئي ٻيو اهڙو با صلاحيت ۽ تجربي ڪار شخص ڏيو جيڪو نہ فقط سنڌ جي سياست ۽ حالتن کان مڪمل واقفيت رکندو هجي پر ڪاٻي پاسي جي قومي سياست سان بہ همدردانہ دلچسپي رکندو هجي، جنهن جي تحرير مان پڙهندڙ کي اهو تاثر ملي ۽ پڙهڻ وارن جو حلقو قبول بہ ڪري. انهيءَ کان علاوه انهيءَ کي ٻين دوستن بہ انهيءَ تي مجبور ڪيو تہ جي ايم سيد جي اها آفر قبول ڪيو. خود سوڀي صاحب جي لاءِ هي تجويز دراصل ان جي سياسي مقصدن جي تڪميل جو هڪ ذريعو هئي. پوءِ انهن جلد ئي پنهنجي رضامندي جو اظهار ڪندي چيو تہ هو جنوري 1957ع کان اخبار جي چارج وٺڻ لاءِ تيار آهي پر شرط اهو آهي تہ جي ايم سيد پنهنجي اثر ۽ رسوخ کان ڪم وٺي ڪري سوامي نارائڻ مندر جي رهائشي حصي ۾ هڪ فليٽ انهي کي وٺي ڏئي چو تہ اهو پنهنجي فيملي مستقل بنياد تي ڪراچي وٺي اچي ۽ پوري توجه سان ”نئين سنڌ“ ڪاٻي ڌر جي سياست کي رهنمائي جي طور تي ڪيندو رهيو“ (12)

جڏهن تہ ڪاڪي سوڀي صاحب انهيءَ عرصي ۾ مسلسل اهم موضوعن تي نهايت شاندار ۽ ڀرپور ۽ جامع ايڊيٽوريل لکيا جيڪي عوام ۽ خواص ۾ يڪسان طور پسند ڪيا ويا. ”نئين سنڌ“ کي انهي جي زماني ايڊيٽري ۾ سنڌ ۾ غير معمولي مقبوليت حاصل ٿي ۽ انهي جي سرڪيوليشن ۾ تمام گهڻو اضافو ۽ واڌارو ٿيو. نئين نسل جي ترقي

پسند اديبن بہ انهيءَ ۾ ڪالم نگاري جو سلسلو شروع ڪيو هو. هفتي ۾ هڪ پيرو ادبي صفحو بہ ترتيب ڏنو ويندو هو جنهن کي شيخ عبدالرزاق راز مرتب ڪندو هو.

اهڙي طرح ترقي پسند رجحان سنڌ ۾ عام ٿيڻ لڳو. انهيءَ ئي دور ۾ ”نواءِ سنڌ“ جيڪا محمد ايوب کهڙي جي اخبار هئي ۽ مولوي عبدالغفور سيتائي ان جو ايڊيٽر هو اهو بہ ڪڏهن ڪڏهن ترقي پسند ادب ۽ تنظيمن کي سٺي ڪوريج ڏيندا هئا.

”عبرت“ جيڪا محمد عثمان ڏيپلائي جن ڪيندا هئا انهيءَ کي قاضي خاندان خريد ڪري انهيءَ کي روزانو شائع ڪرڻ لڳا. هن روزاني ”عبرت“ جو ايڊيٽر شيخ علي محمد هو. ترقي پسند تحريڪ جي سلسلي ۾ شيخ علي محمد جو ڪردار سنڌ ۾ ترقي پسند، قوم پرست ۽ وطن پرست ادبي هلچل جي تاريخ ۾ سنهري اکرن ۾ لکڻ جهڙو آهي.

”1960ع ۾ جڏهن مارشل لا جو دور هو. جنهن جي ڪري انساني بنيادي حق معطل ڪيا ويا. جنهن جي ڪري ترقي پسندن جي حمايتي روزاني واريون اخبارون ۽ رسالا پابندين جي زير اثر آيا تہ حميد سنڌي جن حيدرآباد ۾ زندگي پبليڪيشن جو بنياد وڌو ۽ انهي جي زير اثر ماهوار ”روح رهاڻ“ رسالي جي شروعات ڪئي. انهن ادبي رسالي کي مثالي انداز ۾ هلايو ۽ هن جي مالي مدد مرحوم بيگم زينت عبدالله چنا جن ڪئي. جلد ئي هي رسالو سنڌ جي ترقي پسند ۽ وطن دوست اديبن جو ترجمان ثابت ٿيو. رسالو نہ فقط سنڌي ادب ۾ نمايان ۽ اهم علامت بڻجي ويو پر پنهنجي جاءِ تي هڪ ادارو ۽ تحريڪ بڻجي ويو. ترقي پسند تحريڪ ۽ ”روح رهاڻ“ هڪ شيءِ جا بہ نالا هئا هي رسالو اپريل مهيني ۾ شائع ٿيو. جلد ئي هر سال انهي مهيني اپريل ۾ حيدرآباد ۾ رسالي جا 2 سالانہ جشن ”روح رهاڻ“ ملهايا ويا. هيءَ جشن قومي ميلي جي حيثيت اختيار ڪري ويو. پوري سنڌ جي ترقي پسند ۽ وطن دوست، انقلابي اديب، شاعر ۽ دانشور حيدرآباد ۾ اچي گڏ ٿيا“ (13)

انهيءَ سلسلي ۾ ”روزاني ،خادم وطن“ جو ڪردار بہ اهم رهيو آهي، رجعت پرست جڏهن ترقي پسند اديبن جي خلاف الزام ۽ اعتراض ڪندا هئا تہ ترقي پسند اديب، دانشور ۽ نقاد رجعت پرستن کي روزانو خادم وطن ۾ سلسلي وار مضمونن جي صورت ۾ منهن ٽوڙ جواب ڏيندا هئا. انهيءَ کان علاوه بہ ڪيتريون ئي اخبارون ۽ رسالا هئا جن ترقي پسند ادب جي ترقي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو.

رسالن جي فهرست ڪجهه هن طرح آهي ”حيدرآباد روح رهاڻ، ڳوٺ سڌار، مارئي، لطيف، شاعر، گلستان، سرتاج، اسان جي دنيا، طبي ميگزين، طيب، گل ڦل، روح ادب، آفتاب، نئي ڪيتي، سارنگ، ادب لطيف، شعلي، انسان، قليچ، ڪراچي مان پرهه ڦٽي، همدرد ۽ صحت ۽ شاگرد، شڪارپور مان مهراڻ ڊائجيسٽ، جذبات، خيرپور مان گلدستو، نواب شاه مان ادا، آئينو، سانگهڙ مان سانگهڙ پبليڪيشن جيڪب آباد مان اُمنگ رتوديرو مان بادل، لاڙڪاڻي مان اديب سنڌ، انسانيت، دادو مان اسان جي منزل، ميهڙ مان طالب المولي، سکر مان پارس ۽ تقاضا وغيره جهڙيون اخبارون ۽ رسالا شايع ٿيندا رهيا.

## حوالا:


1. آغا سليم، شيخ اياز صدين جي صدا، ڄام شورو سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع، ص93
2. پٽي رشيد، مرتب خط، انٽرويو تقريرون، شيخ اياز حصو پهريون، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ڇاپو پهريو 1999ع، ص 42
3. هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر، مضمون، سنڌي ادبي سرڪل، ڪينجهر، 10، ڄامشورو، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، 2004ع، ص 173
4. هڪڙو انور فگار، ڊاڪٽر، مضمون، سنڌي ادبي سرڪل ص 173
5. ساڳيو ص 174
6. Allana, Ghulam Ali, Dr: An Introduction to Sindhi literature, Jamshoro, Sindhi Adabi Board, 1991, P. 74
7. سنڌي، ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ
8. جويو محمد ابراهيم، پبلشر نوٽ، مشمولا، اڳتي قدم، حيدرآباد، شيخ اياز فائونڊيشن، 2001ع، ص ج
9. پٽي رشيد، مرتب، خط، انٽرويو تقريرون، ص، 64
10. ساڳيو ص 49
11. ساڳيو ص 65
12. مظهر جميل، سيد، سوڀوگيانچنداڻي، شخصيت ۽ فن، اسلام آباد، اڪادمي ادبيات پاڪستان، 2010ع،ص 75
13. پٽي رشيد، مرتب، خط، انٽرويو تقريرون، حيدرآباد، نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1987ع، ص، 68